
# ناني سڦُوران





جاويد عباسي

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد- سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان ٻارڙن لاءِ سولا، ننڍڙا ڪتابڙا
تيار ڪرڻ واري رٿا جي سلسلي جو ٻيو ڪتاب

# ناني سڦُوران

## ٻاراڻو ادب

مصنف:
جاويد عباسي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ
١٤١٤ھ/ ١٩٩٣ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو پهريون: سال ۱۹۹۳ع
تعداد : ٻه هزار
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
قيمت: ۱۰ روپيا

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزم
نيشنل هائي - وي حيدرآباد - سنڌ
۽
مرڪزي ڪتاب گهر نمبر: ۹۷۲
گل شاهه محلو، گاڏي کاتو
حيدرآباد، سنڌ
پاڪستان

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري النصيب پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

# پيش لفظ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان ’ٻاراڻي ادب‘ جي سلسلي جو هيءُ ٻيو ڪتاب آهي، هن کان اڳ ’ٻاراڻا گيت‘ ڇپجي چڪو آهي.

لکندڙ محترم جاويد عباسي پنهنجي ”مهاڳ“ ۾ هن ڪتاب جي نوعيت تي مختصر طور تي روشني وڌي آهي، هن سلسلي ۾ سنڌس هيءُ پهرين ڪوشش آهي ۽ اميد تہ جيئن اڳتي تيئن هو وڌيڪ ڪاميابيءَ سان ٻاراڻي ادب تي لکندو.

حيدرآباد سنڌ
١ - نومبر ١٩٩٣ع

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# مهاڳ

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي موضوعن تي ڪتابن جي کوٽ کي ڪافي عرصي کان محسوس ڪيو پيو وڃي. جيتوڻيڪ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪتاب ڇپجندا رهن ٿا پر اهي ناڪافي آهن، هي ڪتاب به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن ۾ ٻارن جي سمجهه مطابق ڪجهه مزاح ۽ نصيحت آموز ڪهاڻين کي شامل ڪيو ويو آهي.

ناني سڦوران جي ڪردار کي کڻي، ڪجهه ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن. اسان جي گهرن ۾ اڪثر نانين ۽ ٻارن جا چرچا ٿيندا رهن ٿا جن کي ڪوشش ڪري هٿ ڏنو ويو آهي. انهن کي پڙهڻ سان يقينًا ٻار خوش ٿيندا. اميد ته هي ننڍڙو ڪتابڙو ٻارڙن ۾ اخلاقي ۽ تعليمي شعور وذائڻ ۽ بهتر ڪرڻ لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.

۱۵- مئي ۱۹۹۳

جاويد عباسي
لاڙڪاڻو

# فهرست

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| ناني سڦوران جي ناس دٻلي | ٧ |
| ناني گم ٿي وئي | ٩ |
| نانيءَ جي لٺ | ١٢ |
| نانيءَ جو ضد | ١٥ |
| نانيءَ جي جتي | ١٨ |
| نانيءَ جي نصيحت | ٢٢ |
| نانيءَ جا چوزا | ٢٦ |
| ناني ۽ اسان ٻار | ٢٩ |

---

# ناني سڦوران جي ناس دٻلي

ناني سڦوران بہ عجيب ناني آهي. حوصلي جي خطا شل نہ ڪا شيءِ گم ٿئيس، خاص ڪري ناس جي دٻلي، توبهہ! سڄو گهر مٿي تي ڪٽي ڏيندي. اڄ اوهان کي ان دٻليءَ جو قصو ٿو ٻڌايان.

سائين! ٿيو هيئن جو هڪ ڏينهن نانيءَ جي ناس واري دٻلي گم ٿي وئي. بس پوءِ تہ اچي سڄو گهر مٿي تي ڪنيائين. ڏوهہ سڄو ٻارن تي، ناني ڪاوڙ جي تہ اڳيئي آهي تيز، سو اچي ٻارن کي ڏڪٽي ورتو. هر طرف ڳولا شروع ٿي وئي، هوڏانهن نانيءَ جي هڪ رڙ هيٺ تہ ٻي مٿي، سڄو گهر ڦلهوريو ويو پر دٻلي نہ ملڻي هئي سا نہ ملي!

سڀ ٻار نانيءَ جي دربار ۾ حڪم سان حاضر ٿيا. ڊپ ۾ پيرن کان مٿي تائين سڄا پيا ڏڪن. ڪاوڙ مان نانيءَ جا تارا ڦوٽارجي ويا ۽ منهن ڳاڙهو ٿي ويو.

”اڙي پيپو ٻڌاءِ دٻلي ڪٿي آهي، نہ تہ لاهيانءِ ٿي ڪل“.

ناني گرجندڙ آواز ۾ چيو.

”ناني، قرآن ٿو ڄاڻي تہ مون ڪونہ ڪنئين آهي.“

پيو وراڻيو.
ايتري ۾ ناني عذرا ڏانهن مڙي.
”تون، مائي عذرا“
”ناني مو..........مو..........ن کي تہ بلڪل خبر
ڪانهي.“
عذرا اجا جواب پورو ئي مس ڪيو تہ گدو جي نظر
نانيءَ جي پوٽيءَ جي پلاند تي وجي پئي ۽ هن رڙ
ڪري چيو:
”ناني“
”آهستي،ماريا ڪن جا پڙدا ٿو ڦاڙين.“
ناني ڪاوڙ مان چيو.
گدو پوٽيءَ جي پلاند ڏانهن اشارو ڪندي چيو:
”ناني دٻلي ملي وئي.“
ناني خوشي مان پڇيو:
”ڪٿي آهي؟“
ناني کي ڄڻ دٻلي نہ پر نئين زندگي ملي وئي.
”توهان جي پوٽيءَ جي پلاند ۾ ٻڌي پئي آهي.“
هان! هاءِ ڙي هاءِ حوصلو ائين چئي ناني خوشي وچان
دٻلي کولي ناس چپٽي نڪ ۾ وڌي.

# ناني گم ٿي وئي

ٿيو هيئن جو اسان (يعني مان ۽ گدو) گهر ۾ گهڙياسين تہ اسان جي ڪنن گهر ۾ ٿيندڙ گوڙ ڌانهن ڌيان ڇڪايو. اسان ڏاڍو پريشان ٿياسون تہ اهو گوڙ ڇا جو آهي. ٿورو اڳتي وڌياسون تہ، هر طرف ”ناني گم ٿي وئي“ ”ناني گم ٿي وئي“ جي رڙ لڳي پئي هجي. گهر جي هر ڪنڊ ڳولي سون پر ناني اصل ڪونہ ملي.

ايتري ۾ بابا ۽ چاچا وارا بہ اچي ويا. جڏهن کين نانيءَ جي وڃائجي وڃڻ جي باري ۾ ٻڌايو ويو تہ اهي بہ پريشان ٿي ويا. سڄي شهر ۾ پڙهو ڏياريو ويو ۽ اهو ڪم ڪيو اسان جي چاچي. بابو ويو اخبار ۾ اشتهار ڏيارڻ. گدو کي مولوي عبدالحق ڏي موڪليو ويو تہ مسجد جي لائوڊ اسپيڪر تي اعلان ڪرائي ۽ باقي رهيس مان ناچيز تہ مون کي وري ڳوٺ وارن کي ٻڌائڻ لاءِ موڪليو ويو.

هر طرف نانيءَ جي ڳولا لاءِ قاصد ڊوڙايا ويا، عجيب ماحول لڳو پيو هجي. ڪو ڪيڏانهن وڃي رهيو هو تہ ڪو ڪيڏانهن.

وڃي پئي گهٽي دير ٿيندي. سڀ پريشانيءَ جي حالت ۾ ويٺا هئا. بابا، چاچا ۽ گدبو واپس اچي چڪا هئا. ايتري ۾ مان به ڳوٺ جا ماڻهو وٺي گهر ۾ گهڙيس. اهڙي نااميدي ڪري هر طرف روڄ راڙو شروع ٿي ويو. عورتون هونئن به روئڻ ۾ اڳڀريون سو سائين اهي ته بس ئي ڪونه ڪن. ان گوڙ گمسان ۾ وقت جي خبر ئي ڪانه پئي ۽ اچي شام ٿي. نانيءَ جي ڳولا لاءِ وڏيڪ مشورو ڪرڻ ڪري سڀ گهر جا ڀاتي اچي وڏي ڪمري ۾ گڏ ٿيا. ڪمري جي وچ تي وڇايل فراسي تي ويهڻ لاءِ اڃان ڪي ويٺا ۽ ڪي بيٺا ئي هئا، جو ناني ڏوڙ ۾ ڀيوت منهن، لٽا ۽ وار مٽي سان ڀريل ”اسٽور روم“مان ٻاهر نڪتي. ”سڄو اسٽور گند ڪچري سان ڀريو پيو آهي“ چوندي لٽا ڇنڊيندي وڏي ڪمري ڏانهن اچي رهي هئي. سڀ ڪان ڀهريائين منهنجي نظر وڃي ناني تي پئي.

”ناني اچي وئي، ناني اچي وئي“.

منهنجو ائين چوڻ ۽ سڀ ڀڳا نانيءَ ڏانهن حال احوال پڇڻ. ناني جو ايترن ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو هن سمجهيو الائي ڇا ٿيو آهي. شايد ڪا باهه لڳي آهي يا، ڪي چور، ڌاڙيل گهر ۾ گهڙي آيا آهن، سو

هوءَ بہ وٺي پڳي واپس ”اسٽور روم“ ڏانهن.

اڳيان ناني پويان ٻيا سڀ مٽ مائٽ، ٻچ ٻچان، ٻچ ٻچان اچي ناني کي پهتا.

اچان نانـي ”اسـٽور رومہ“ تائين پهـتـي مٿس تہ چوڌاري سڀ ساٽس ڦري ويا ۽ مٿس سوالن جي وارو وار ٿيڻ لڳي. ناني ڏٺو الائي ڇا آهي! سو هو بيهوش ٿـي ڪِري پـئـي. اسـان بجاءِ ناني کي کٽڻ جي نانـيءَ جي ملڻ جون هـڪـبـئـي کـي مـبـارڪـون ڏيـڻ ۾ لـڳـي وياسون.

# نانيءَ جي لٺ

هونئن تہ ناني ڏاڍي سٺي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن اسان کي هن ڪان ڏاڍو ڊپ لڳندو آهي خاص ڪري سندس لٺ کان جيڪا هن گهٽي ڪراڙپ ڪري هٿ مبارڪ ۾ ٽيڪ واسطي ڪٽڻ شروع ڪئي آهي. نانيءَ جي اها لٺ اڪثر گردش ۾ هوندي آهي ۽ بس پوءِ نہ پڇو تہ، اسان لاءِ ڪهڙي شامت اچيو وڃي. هڪ ڏينهن چا ٽيو جو مان ۽ مرچو گڏجي هڪ مشورو ڪيو تہ، ڇو نہ نانيءَ جي اها لٺ گم ڪري ڇڏيون. اهو سوچي وجهہ وني ماٺ ميٺ ۾ نانيءَ واري لٺ کڻي اچي بابا جي ڪمري ۾ دروازي پويان لڪائي رکي ڇڏي سون. هاڻي ڪنهن کي مجال آ جو اسان کي لٺ سان مار ڏئي سگهي.

اسان بي اونا ٿي اک ٻوٽ راند ڪرڻ شروع ٿي وياسون. اچان ڪلاڪ ٻہ کن گذريا هوندا جو راند ڪندي مرچو بابا جي ڪمري ۾ رکيل ٽيبل تي مس هاري وڌي. سڄي ميز ان جو پوش ۽ ڪجهہ ڪتاب مس سان خراب ٿي ويا. اسان سڀ پريشان ٿي وياسون. هاڻي بابو ايندو ۽ سيني جي ڪل لاهيندو.

پر اسان گڏجي ڪري اهو فيصلو ڪيو ته بابا کي نه ٻڌائبو ته مس ڪنهن هاري آهي. اڻين اسان بابا جي ڪمري مان کسڪي وياسون.

خير سائين، شام تي بابا گهر آيو ته، اسان جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي، هيڏي هوڏي لِڪڻ لڳاسون. بابا اچان پنهنجي ڪمري ڏانهن ويو ئي مس ته اسان کي سڏ ٿيو. اسان سمجهي وياسون ته اڄ خير ناهي اسان ٻئي ڄڻا ڪمري ۾ داخل ٿياسون.

”هي، مس ڪنهن هاري آهي؟“ بابا ڏاڍي ڪار مان پڇيو. اسان جو ته ساهه ئي سڪي ويو.

”مان پڇان ٿو ته هي مس ڪنهن هاري آهي؟“ بابا هڪ دفعو وري پڇيو.

پر اسان وري به ڪنڌ جهڪائي خاموش بيٺا رهياسون. ڪُجهون پيا ته ڪٿجون پيا سو اصل بت بڻيا بيٺا رهياسون.

”اڻين، نه ٻڌائيندؤ، ٻيهو مانِ توهان کي چڱي طرح ٿو ناهيان“! اڻين چئي بابا اسان کي ڪُٽ ڪڍڻ واسطي ڪا شيءِ ڳولڻ لڳو. اوچتو بابا جي نظر وجي نانيءَ جي ان لٺ تي پئي جيڪا اسان دروازي پويان لڪائي رکي هئي. بابا جيئن ئي لٺ

ڪنئي تہ اسان کي اصل ڏڪٽي وني وئي. وني پڳاسون، بابا بہ لٽ ڪنيو اسان جي پويان پويان، سڄي گهر ۾ ڀڄندا رهياسون. ڪٿي ڪا پناهہ نظر ڪونہ آئي بس ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي نانيءَ جي ڪمري ۾ گهڙي پياسون. بابا بہ اسان جي پويان سڌو نانيءَ جي ڪمري ۾، نانيءَ جو بابا جي هٿ ۾ پنهنجي لٺ ڏٺي سو رڙ ڪري چيائين ” گهوڙا ڙي منهنجي لٺ“ ناني هڪ ئي ٽپ ۾ بابا وٽ پهتي ۽ لٺ بابا کان کسي ورتائين. بابا بہ اسان جي پويان ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پيو هو، تنهن ڪري اتي ئي ناني وٽ ويهي رهيو. پڄي پڄي اسان بہ ساٽا ٿي پيا هئاسون. ان ڪري مهل ڏسي ڪڙين تي زور ڏنوسون ۽ اچي پنهنجي ڪمري ۾ ساهہ پٽيوسون. هي پهريون دفعو هو جو نانيءَ جي لٺ اسان مٿان وسي ڪونہ سگهي ۽ ائين اسان مار کان بچي وياسون.

# نانيءَ جو ضد

طوطو هڪ اهڙو پکي آهي، جيڪو اڪثر گهرن ۾ شوق سان پاليو ويندو آهي. اهو شوق اسان جي ناني کي بہ ٿيو. سو هڪ ڏينهن اسان کي چيائين تہ ”مون کي طوطو آڻي ڏيو. مان ان کي پڙهائيندس ۽ بولي سيکاريندس“ . پهريائين تہ اسان ٽاريو، پر ناني مُڙي چو ٿي، حڪم ڏنائين تہ ڪيئن بہ ڪري چوويهن ڪلاڪن اندر اندر طوطو آڻي ڏيو! نانيءَ جي هن فرمائش مُنجهائي وڌو، هاڻي ڇا ڪريون؟ سيني ٻارڙن هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي، جنهن ۾ فيصلو ٿيو تہ هرهڪ ساٿي پنهنجي دوستن کان وڃي پڇي ۽ جيڪڏهن ڪنهن وٽ بہ طوطو هجي تہ ٿورن ڏينهن لاءِ ڪاڻس وٺي اچي. پوءِ سڀ سهي سنبري هلياسون دوستن ڏانهن.

شام جو سڀ نا اميد ٿي موٽي آياسون. ڪنهن کي بہ طوطو ڪونہ مليو. اوچتو اسان جي ڪن طوطي جي ”ٽيئون - ٽيئون“ جو آواز پيو. اسان جي خوشيءَ جي ڪا حد نہ رهي. اجان جو ڪنڌ ورائي ڏسون تہ پيپو هٿ ۾ طوطو جهليو بيٺو آهي. پيپو کي

گهلي اچي ڪرسي تي ويهاريوسون ۽ حال احوال وٺڻ لڳاسون. پپن ٻڌاءِ ”طوطو ڪٿان آندئي؟“. ”هي طوطو آءٌ پنهنجي هڪ دوست کان وٺي آيو آهيان ۽ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ موٽائي ڏيڻو آهي“. پپن وضاحت ڪئي. اسان سوچيو ته ٻه ٽي ڏينهن ڪافي آهن. نانيءَ جي دل جلد ئي طوطي مان پرچي ويندي ۽ پوءِ اسان طوطو واپس ڪري ڇڏينداسون. بهرحال سيني گڏجي طوطو نانيءَ جي خدمت ۾ پيش ڪيو. ناني طوطو ڏسي گل وانگر ٽڙي پئي. طوطو نانيءَ جي حوالي ڪري موٽڻ لڳاسون ته ناني هڪدم رڙ ڪري پيٽري جي گهُر ڪئي.

”اڙي ڇورا پيٽرو ته آڻي ڏيوم طوطو ويهاريندس ڪٿي؟“

هاڻ سائين! اها اسان لاءِ وري هڪ ٻي مصيبت ڳچي ۾ پئجي وئي. بس ناني جو حڪم اکين تي طوطي جو پيٽرو وٺڻ لاءِ بازار جو رخ ڪيوسون نئين پيٽري جيترا ته پئسا هئا ڪونه، پوءِ هڪڙي ڪباڙي وٽ پراڻو پيٽرو پيل نظر آيو. ٽورن ئي پئسن ۾ وٺي گهر آياسون ۽ نانيءَ حوالي ڪيوسون.

هڪ ڏينهن منجهند جو وقت هجي. ناني

پڃري جو در کولي ڪُٺي بطور ” لنچ“ طوطي کي ڏئي رهي هئي تہ ٻاهر هڪ ڌماڪو ٿيو. ناني پريشاني منجهان سڀ ڪم اتي ئي ڇڏي ٻاهر ڀڳي تہ الائي ڇا ٿيو هوندو. خبر پئي تہ پپن پاڻي پريندي مٿ پيچي وڌو آهي ۽ هاڻي سندس پٺي تي امڙ طرفان سوٽين جو وسڪارو هو. ناني توبهہ توبهہ ڪندي پوئتي موٽي، ڇا ڏسي تہ طوطي جو پڃرو خالي. اصل ۾ ناني ٻاهر نڪرڻ مهل جلدي ۾ پڃري جو در بند ڪرڻ وساري ويئي هئي ۽ طوطو وجهہ وٺي الائي ڪيڏانهن وڃي نڪتو. ناني هاءِ گهوڙا ڪرڻ لڳي. سڀ اچي ناني وٽ گڏ ٿيا. پپن بہ ڳوڙها اگهندو ناني ڏانهن وڌيو. طوطي جي ائين گم ٿي وڃڻ تي سڀ پريشان هئا. پرائو طوطو هو، هاڻي ڇا ٿيندو؟ ايتري ۾ دروازي تي ٻاهر سڏ ٿيو. پپن در کوليو تہ اڳيان سندس طوطي وارو دوست بيٺو هو. پپن جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. هو اڳئِي امڙ جون سوٽيون کائي ويٺو هو ۽ هاڻي هڪ دفعو وري سٽڪاري لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻ لڳو.

# نانيءَ جي جُتي

نـاني جيئن جيئن كـراڙي ٿيـندي ٿـي وجي، تيئن تيئن سندس حوصلو بہ ختم ٿيندو ٿو وڃيس. ٿوري دير اڳ كـيل ڳالهہ وسري ويـنديس. نانيءَ جي ان ويسر واري عادت سبب اكثر اسان ڪُتبا آهيون. كـيترائي دفعا پئسا جمع كـري ناني كـي ماجونَ ۽ ڦكيون وغيره آڻي ڏنيوسين تہ جيئن نانيءَ جو حافظو تيز ٿئي ۽ كانئس ڳالهيون وسري نہ سگهنس ۽ اسان مار كائڻ كان بچون. پر وريو كجهہ بہ كـونہ. نانيءَ تـي كـنـهـن مـاجـون يـا، ڦـكـي اثـر ئـي كـونـہ كـيو.

هك ڏينهن ناني كي پاڙي ۾ كـنهن جي گهر وڃڻو هو پـر كـيس جتي كـونـہ ٿـي ملـي. پـنـهـنـجـو كـمرو جانچيائين، گـهر سجو هيٺ مٿي كـري ڇڏيائين پر كيس جُتي كونہ ملي سا كون ملي. ناني بـہ كـاوڙ ۾ اچي ويـئـي اها بـہ مڙئـي اڳي كـان ٿوري سـرس، سـو سـجـي گـهـر جي پـاتين سـان وڙهـڻ لڳي تہ مون كي جلد جتي ڳولي ڏيو. نانيءَ جو حكم كـير تاري؟ گهرَ جو ننڍو وڏو نانيءَ جي جتي ڳولڻ

۾ لڳي ويو. اسان ٻاهران راند ڪري گهر ۾ داخل ٿياسين ته هڪدم اسان جي نظر نانيءَ تي وڃي پئي، هوءَ ٻاهر ورانڊي ۾ پيل صندل تي ويٺي هئي. ناني جو اسان کي ڏٺو سو رڙ ڪري پاڻ ڏانهن سڏيائين. اسان جو چرڪ ئي نڪري ويو. ڇو جو ناني جڏهن به اهڙي هيبت ناڪ رڙ ڪري اسان کي سڏيندي آهي ته ان ڏينهن پڪ اسان جي شامت اچيو وڃي. اسان ڏڪندا روئڻهارڪي صورت ڪري وڃي ناني جي اڳيان حاضر ٿياسين.

”اڙي پپو! منهنجي جُتي ڪٿي لڪائي اٿئي؟“ ناني تارا ڦوٽاري مون کان پڇيو، منهنجو ته ساهه ئي سُڪي ويو.

”ناني، توهان جي جتيءَجي وري اسان کي ڪهڙي خبر“ منهنجي بدران وري گڏوءَ ڳالهايو ته ناني ويتر تپي باه ٿي وئي.

”اڙي مون توکان پڇيو، ڪنڊا “ ناني جي دڙڪي تي گڏو جو منهن ئي لهي ويو.

گڏو جو تازو هڪ ڏند پَجي پيو هو ۽ اسان وري اهو ڏند،اها دعا گهري وجي ٻاڙي واري مسجد جي ڪنڊ ۾ پوري آياسون ته الله سائين اسان کي

ادڙو ڏجان. نانيءَ جو گڏو کي کنڌا چيو تہ اسان کي ڪِل تہ ڏاڍي آئي پر ان ڪِل ڪِي اندر ئي اندر ۾ روڪي ورتوسون.

”ها پيو! ٻڌاءِ ڪٿي لڪائي اٿئي جُتي؟“ ناني وري مون ڏانهن ڏٺو دراصل ناني سيني کان وڌيڪ مون کي ئي شيطان سمجهندي هئي.

”نانيَ! مولا ٿو ڄاڻي مون ڪونہ لڪائي آهي“. مون صاف صاف چئي ڏنو ۽ حقيقت بہ اها هئي تہ مون نانيءَ جي جتي لڪائي ڪونہ هئي. نانيءَ واري سان سيني کان پڇيو، ڪنهن لڪائي هجي تہ ٻڌائي. پر نانيءَ جو شڪ اسان تان لٿوئي ڪون ۽ ضد ڪري ويٺي تہ نہ، جُتي هنن ئي لڪائي آهي. ايتري ۾ اسان جو وڏو ڀاءُ اسلم گهر ۾ داخل ٿيو ۽ ٿيلهيءَ مان جتي ڪڍي اچي نانيءَ جي قدمن ۾ رکيائين.

”اچي ناني توهان جي جتي“ جتي کي ڏسي ناني خوشي ۾ نہ پئي ماپي.

”نانيءَ جي جُتي ڪاڏي ڪٿي ويو هئين.“ امڙ جيڪا نانيءَ جي جُتي ڳولي ٻيزار ٿي چڪي هئي. ادي وڏي کان ڪاوڙ مان پڇيائين، ” ناني ئي تہ مون کي

ڏني هئي تہ وچي موچي کان ڳنديرائي اچان" ادي وڏي جي جواب تي سڀ کاوڙ وچان ناني ڏانهن ڏسڻ لڳا. ناني پاڻ بہ پريشان ٿي وئي، پر وري ڪلي چيائين ، "هاءِ منهنجو حوصلو، مان پاڻ ٻچڙي کي جتي ڳنديرائڻ لاءِ ڏني هئي. بس ابا ڪراڙپ ۾ حوصلو ئي نہ رهيو آهي" . ائين چئي، ناني جُتي پيرن ۾ وجهي پاڙي ۾ نڪري وئي ۽ اسان شڪر ڪندا وڃي پنهنجي ڪمري ۾ ڪرياسون. جي ادو وڏو اڄ ٿوري دير سان اچي ها تہ سڀ اسان کي ڏوهي ڪن ها ڇو جو سڀ اهو ئي سمجهي رهيا هئا تہ اسان مسخري ڪري نانيءَ جي جتي لڪائي آهي. رب ڪٽي اسان تي ٻاجهہ ڪئي. هائي ڙي ناني تنهنجو حوصلو.

# نانيءَ جي نصيحت

چا ٿيو جو ڪجهہ ڏينهن کان ڪوئن جي هڪ فوج اسان جي گهر ۾ ڪاهي پئي هئي ۽ اسان کي اها فوج طرح طرح سان پريشان ڪري رهي هئي. بابو سائين هٽي هٽي بينو پر ڪو نتيجو ڪونَ نڪتو. هڪ ڏينهن ابو ڪوئا مار ڪوڙڪي وٺي آيو. ڪوئن جو هڪ بہ ساٿي مئو تہ ٻين ڪوئن ان پاسي اچڻ ئي ڇڏي ڏنو.

هڪ ڏينهن وينا هئاسون تہ نانيءَ اچي هاءِ گهوڙا شروع ڪئي. الائي ڪيئن ڪوئا نانيءَ جي ناس واري دٻلي کي سوري سوري پنهنجي ٻر ۾ ڪٽي ويا. ناني ويچارن ڪوئن کي پٽڻ لڳي پر هاٽي چا ٿو ٿي سگهي؟ جيڪا شيءِ وڃڻي هئي سا تہ وئي. خير سائين نانيءَ کي بہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ صبر اچي ويو پر اسان جو پارو چڙهيل هو. آخر ڪوئن کي اها همت ڪيئن ٿي جو هو اسان جي ناني سڳوريءَ جي شيءِ ڪٽي وڃن. سا بہ ناس واري دٻلي، اسان بہ فيصلو ڪيو تہ جيستائين ڪوئن کان نانيءَ جي دٻلي ڪٽي وڃڻ جو بدلو نہ وٺنداسين، تيستائين آرام سان

نہ ويھنداسين. نانيءَ سان بہ پنھنجي ان ارادي جو اظھار ڪيوسين تہ جيئن نانيءَ جو بہ ساٿ حاصل ڪري سگھجي. ناني ان ڳالھہ جو واعدو ڪيو تہ ھن معاملي ۾ ھو اسان سان گڏ آھي.

ھڪ ڏينھن اسان سڀ پاڻ ۾ ويھي سوچڻ لڳاسون تہ ڇا ڪجي؟ آخرڪار نانيءَ کي ھڪ ترڪيب سمجھہ ۾ آئي. ”جو نہ ڪا ٻلي پالجي. ٻليءَ کي ڏسي ڪوئا ۾ ٿاڪوڙو پئجي ويندو ۽ توبھہ توبھہ ڪري ڀڄي ويندا“ . نانيءَ جي اھا صلاح سيني کي ڏاڍي وڻي. ٻئي ڏينھن ير واري پاڙي مان ٻلي جو ڇگو موچارو ٻچڙو ڪٺي آياسون. ٻليءَ جو اچڻ ۽ ڪوئن جو ڀڄڻ. جيستائين بہ ٿي ڪوئا ناشتي ۾ شڪار نہ ڪري اصل آرام ئي ڪونہ ايندو ھوس. ڪوئن لاءِ ھو اصل مصيبت بڻجي وئي. ھن لاءِ ھر ڏينھن ڄڻ عيد جو ڏينھن ھو. ٻن ٽن ڏينھن ۾ ئي پاڻ واري ٻلي ڪوئا ڪائي ڪائي شينھن بڻجي وئي.ائين ڪوئا بہ گم ٿيڻ لڳا. ھفتي اندر گھر ڪوئن جي آزار کان آزاد ٿي ويو. اھڙي طرح اسان ڪوئن کان نانيءَ سان ڪئونس ڪرڻ جو بدلو ورتو. ناني بہ ڏاڍو خوش ٿي.

هڪ ڏينهن ڪمري ۾ پڙهي رهيا هئاسون تہ اوچتو ٽانون جي ڪرڻ جو زوردار ڪڙڪو ٿيو. پڇندا ٻاهر نڪتاسون تہ نانيءَ جي ڪمري مان تيز ڳالهائڻ جو آواز پئي آيو اجان جو اندر وڃي ڏسون تہ نانيءَ جي ڪمري ۾ فرش تي کير جو ٽانو اونڌو لڳو پيو آهي ۽ سڄو کير پٽ تي هاريل آهي. هڪ ڪنڊ ۾ اسان واري ٻلي لڪيو ويٺي هئي ناني سڄي ڪمري ۾ پئي ڦري. اسان کي ڏسي ٻلي هڪدم اسان ڏانهن ڀڳي. ان سان گڏ ناني بہ ڀڄندي آئي. هڪ ڪلو کير نانيءَ جو هارجي ويو هو. سو ناني جو پارو چڙهيل هو.

”اڙي ڪنهن آندو هو هن بدبخت کي؟“ ناني ٻلي ڏانهن اشارو ڪندي اسان ڏانهن گهوري ڏٺو.

”ناني توهان ٿي تہ صلاح ڏني هئي ٻلي آڻڻ جي“ مرچو ناني اڳيان بهادريءَ جو مظاهرو ڪندي ورندي ڏني پر نانيءَ کي اها بهادري ڪونہ وڻي، هن مرچو جي ڪن مان جهليندي چيو.

”اڙي ... مون صلاح ڏني هئي! ...... هان بدمعاش.“

ناني آهي ڪراڙي پر طاقت ڏاڍي اٿس.

ويچاري مرچو جا ڪن ئي ٻاڙها ٿي ويا. اسان ڪي
وري اچي پنهنجي ڪن جو فڪر ٿيو. سو ٻلي ڪچ
۾ ڪٽي وٺي ڀڳاسون ۽ مرچو ويچارو پنهنجا ڪن
ڇڏائڻ ۾ ئي لڳو رهيو.

# نانيءَ جا چوزا

اسان واري نانيءَجون ڳالهيون بہ عجيب آهن. هڪ ڏينهن چا ٿيو جو پاڙي ۾ ڪجهہ پارڙا ننڍڙا ننڍڙا رنگين چوزا بازار مان وٺي آيا. اهي رنگ برنگي چوزا اسان واري نانيءَ ڏسي ورتا. هڪ بہ ڏينهن مس گذريا سيني ٻارن کي گهرائي چيائين تہ "وڃي بازار مان اهڙائي رنگين چوزا آڻي ڏيوم". اسان حيران پريشان تہ ناني وري هن عمر ۾ چوزا پاليندي. ايتري ۾ ناني پوٽي جي پلاند مان پنج روپيا ڇوڙي اسان کي ڏنا. اسان بہ پنج روپيا کڻي بازار جو رخ ڪيو. رستي ۾ خيال آيو تہ ڇو نہ پنج ئي روپيا کائي کپائي ڇڏيون ۽ نانيءَ کي وڃي چئون تہ، "ناني چوزا ڪونہ مليا ڇو جو پئسا رستي ۾ ڪري پيا" پر پوءِ سوچيوسون تہ ائين نہ ڪرڻ گهرجي اهو غلط ڪم آهي ويچاري ناني پوڙهيءَ سان اهو ظلم نہ ڪرڻ گهرجي.

سو سائين! اسان بازار مَان چوزا وٺي اچي نانيءَ کي ڏنا. پنج روپين جا چار چوزا مليا. ڳاڙهي، سائي، ڦڪي ۽ نيري رنگ جي چوزن کي ڏسي ناني

خوشي ۾ نہ پئي ماپي. جھٽ ۾ ھڪ روپيو ڏنائين تہ چوزن صاحبن لاءِ ڪجھہ ان داڻي جو بندوبست ڪريو. اسان ڪي وري دوڪان تي ويٺو پيو ۽ ٻاجھري وٺي اچي ناني کي ڏني سون.

سڄو ڏينھن ناني چوزن سان روح ريجھائيندي رھي ۽ انھن جي خدمت ڪندي رھي. رات ٿي تہ ناني کي چوزن جي سنڀارڻ جو فڪر ٿيو ڇو جو ٻلي کي چوزن جي اچڻ جي ڏپ پئجي وئي ھئي ۽ ھوءَ ھڪ ٻہ دفعو چڪر ٻہ ھڻي چڪي ھئي پر سندس داءُ نہ ھليو. ھاڻي چوزن لاءِ نہ ھنڌ ھو نہ ڪمرو، چوزا ھاڻي وڃن تہ ڪاڏي وڃن؟ ناني ٻہ پريشان ۽ سوچن ۾ ٻُڏل.

اسان جي ذھن ۾ ھڪ ترڪيب آئي. ڇو جو اسان آھيون ٻہ عقلمند سو نانيءَ کي عرض ڪيوسين تہ چوزن جون ٽنگون رسي سان ٻڌي ڪٽ جي ڪنھن پائي سان ان رسيءَ کي ٻڌي ڇڏيون.اسان جي ھن ترڪيب تي ناني اڪيون ڦوٽاري اسان ڏانھن ڏٺو. اسان سمجھي وياسون تہ ڳالھہ نہ وڻي. آخر ناني کي پاڻ ھڪ ترڪيب سمجھہ ۾ آئي ۽ اسان کي ھڪل ڏئي پڇائي ڇڏيائين ۽ اسان ٻہ وڃي ڪمرن ۾ سمھي

پياسون.

هوڏانهن ناني چا ڪيو جو پاڙي مان پنهنجي سهيلي کان ڪارو وٺي آئي، پاڙي ۾ نانيءَجون پيون به گهٽيون ٿي سهيليون آهن. ناني ان ڪاري هيٺيان چوزن کي ويهاري ۽ ان کي ڪپڙي سان چوڌاري اصل صفا ويڙهي به ٿي سرون مٿان رکي ڇڏيائينس، جيئن ڪارو، هوا وغيره سان چري نه سگهي.

خير سائين صبح ٿيو. سڀ اٿياسون اڃان ٻاهر نڪتاسون ته اصل پير ٿي نڪري ويا. اسان جي سامهون ننڍڙن ننڍڙن معصوم چوزن جا چار لاش پيا هئا پرسان ناني مٿي کي پوتي ٻڌيو پئي رُني ۽ انهن مٿل چوزن ڏانهن ڏسي به رهي هئي. ڏک اسان کي به ٿيو. ناني سان رضاءِالاهي ڪئي سون. معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته ناني چوزن جي ڪاري کي اهڙو ته ويڙهي ڇڏيو جو ويچارا رات جو ڪنهن مهل ساهه ٻُوساٽجڻ ڪري مري ويا. هاءِ ......... هاءِ.........

ويچاري نانيءَ جا چوزا!

# نانيءَ اسان ٻار

نانيءَ اسان ٻارڙن جي پاڻ ۾ اڪثر لڳي ئي ڪانہ . هو امان ۽ بابا کي اسان جي حرڪتن جي ڏانهن ڏئي مار ڪارائيندي آهي تہ اسان وري نانيءَ جون شيون ڪائي ڪيس تنگ ڪندا آهيون. اسان جي نانيءَ کي ڏند تہ آهن ئي ڪونہ، انڪري هو اڪثر نرم شيون ڏاڍي شوق سان ڪائيندي آهي.اسان جڏهن ڳنڍيريون، صوف يا، زيتون ڪائيندا آهيون تہ ويچاري ناني پري ڪٿ تي ويٺي اسان کي ڏسندي آهي. اسان وري نانيءَ کي تنگ ڪرڻ لاءِ نانيءَ کي صلاح ڪندا آهيون.

هڪ ڏينهن عذرا ڪيس پري ڪان صوف ڏيکاريندي چيو، ”ناني، صوف ڪائيندين“ نانيءَ جو روح تہ هرڪيو پر چياڻين، ”اڙي ڇوري، ڏند تہ آهن ئي ڪونہ هي سخت صوف ڪٿي ڪائي سگهندم“.

ناني وري جهٽ پل رکي ٿورو ٿورو لڇي ٿيندي چيو، ”امان عذرا، ڏيءَ هڪ ڦار صوف جي پل وڍي ڏي“، ناني اڳ ۾ ڇيمر تہ انڪار ڪيئي، هاٺي تہ مون ڪائي چڙيو. اتي ناني بگڙي پئي ”مائي، ايتري ۾ ڪائي بہ

ڇڏيئي! صفا ڪا بکي آهين“ ائين چئي ناني پاسو ورائي ويهي رهي.

بابا اڪثر ناني لاءِ ڪيلا وٺي ايندو آهي، اِن ڪري جو هو صوف يا زيتون نٿي کائي سگهي. پر ان ۾ اسان جو ته ڏوهه ناهي. اسان کي ته ڏند آهن، پر ڪيلا اسان به ته کائي سگهون ٿا. اهو سوچي هڪ ڏينهن جيئن ئي بابا ڪيلا وٺي آيو ۽ اچي نانيءَ کي ڏنائين ته نانيءَ ڪيلا پنهنجي کٽ جي پرسان رکي مٿان چادر ڏئي، انهن کي ڍڪي ڇڏيو. اسان تاڙي ورتو. ٿوري دير بعد ناني حقي جي چلم گرم ڪرڻ لاءِ رڌڻي ڏانهن وئي. مڙئي ڪيلا اسان جي نصيب ۾ هئا، نه ته هونئن ناني هميشه اسان کي رڙيون ڪري سڏائي حڪم ڏيندي آهي ته وڃي چلم گرم ڪري اچو. ناني جيئن ئي رڌڻي ۾ داخل ٿي اسان ڪيلن کي هڙپ ڪري، کلون اتي ئي ڦٽيون ڪري اندر ڪمري ڏانهن ڀڳاسون. هاڻي اسان جا ڪن ٻاهر ته چاڻ ٿي نانيءَ جي هاءِ گهوڙا ٿئي، ٿوري دير ئي نه گذري ته ”ڌڙام“ جو آواز آيو. اسان سمجهي وياسون ته ٿانو ڪريا آهن. ايتري ۾ ”الا ڙي، گهوڙا ڙي“ جو آواز آيو. اسان ڏڪي وياسون جو اهو ته امان جو آواز

هو. وئي ٻاهر پگاسون، ڇا ڏسون تہ امان نانيءَ جي کٽ جي پرسان پٽ تي ڪري پئي آهي ۽ آس پاس ٿانو ٺڙيا پيا آهن. پر شڪر آهي جو امان کي ڪو خاص ڌڪ ڪونہ لڳو. ڪِنجهندي ڪِنجهندي امان اٿي تہ هوڏانهن ناني بہ لٺ جي ٽيڪ تي چلم هٿ ۾ ڪنيو پئي آئي، "ڇا ٿيئي امان، ڪري پئينءَ ڇا؟". ناني گهبراهٽ مان امان کان پڇيو. امان جو پارو چڙهي ويو هو. هو ناني تي ڪاوڙجڻ لڳي: "امان، تون بہ ڪمال ٿي ڪرين، ڪيلا ڪائي ڪو ڪلون رستي ۾ اڇليون آهن؟ هي تہ شڪر آ جو پاڻ سنڀالي ورتم نہ تہ اڄ هڏ گُڏ ڀڳو پيو هجي ها. امان ايترو چيو ئي مس تہ اسان جي ٽنگن مان ساهہ ڇڏائجي ويو. اصل ۾ امان اندران ڪمري مان ٿانو کنيو رڌڻي ڏانهن پئي وئي جو ڪيلن جي انهن کلن تان ترڪي ڪري پئي هئي جيڪي اسان ڪائي اتي ئي اڇلايون هيون. هوڏانهن ناني بہ ڳاڙهي ٿي وئي: "ائي امان، خدا خدا ڪر، مون تہ اڄان ڪيلا چکيائي ڪو نہ آهن. تنهنجو اولاد نہ سڌرندو. چلم ڇا گرم ڪرڻ وئي آهيان پويان ڪيلا ئي هڙپ ڪري ڇڏيائون. وڃي سٽڪيون ڪڍينِ". ناني ائين چئي مٿي تي هٿ

ڏئي لڏندي لمندي اچي ڪٺ تي ويٺي. هوڏانهن امان اُٺي: هائي اسان ڪي ڪنڌ ملي ته لڪون! بس پوءِ ته اِمان جي سئونٽي هئي ۽ اسان جا پٺا. اهو ڏينهن ۽ اڄوڪو ڏينهن وري ڪڏهن اهڙي غلطي نه ڪئي سون.

پيارا ٻارو، توهان ٻه جڏهن ڪيلا کائو ته ڪنهن ناني جا چورائي نه کائجو، پر جيڪڏهن مزي وٺڻ لاءِ ڪڏهن کائو ٻه ته ڪلون رستي تي نه اڇلائجو، نه ته توهان جو ٻه اسان جهڙو حشر ٿيندو.

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سِيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئـي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪـار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪـن آهـي تـہ ڪـي ڪـم اُجرتي بنيـادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـٻِئي جي مـدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مـان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهه پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم - گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نه آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نه وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)